# سنڌي قومي ڪهاڻيون



اروڙ
پبليڪيشنس

# ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

سونهن پٿر ۽ پيار ( ڪهاڻيون )

زندگيءَ جو تنها مسافر ( ڪهاڻيون )

جيل گهاريم جن سان ( خاڪا ۽ انٽرويو )

اڌ ملاقات ( خط )

جيل ۾ ٢٢ مهينا [ٻه ڀاڱا] ( جيل جي ڊائري )

بنگال ۾ هڪ اجنبي [ترجمو] ( رپورٽاج )

# ترتيب

پنهنجي طرفان ۴

## ناول جا باب

بد معاشيءَ جو سبب ۹
ڪارو ڪاري ۱۸
شروعات ۲۵
ڳوٺ سان جهيڙو ۳۷
عجيب ڇوڪري ۴۵
ڪوڙو الزام ۵۸
علحدگي ۷۰
موت ۸۲
پوليس جي جاچ ۸۹
احمد خان ڏيپر جو ڌاڙو ۹۵
جيل ۾ جهيڙو ۱۰۱
جيل بدلي ۱۲۴
پٽي صاحب جي ڪمدار سان جهيڙو ۱۳۵
ٻانهن لاءِ جهيڙو ۱۴۲
جرڳي جو فيصلو ۱۵۷
موڪلاڻي ۱۷۲

مون ڪهاڻيءَ کي گهٽايو يا وڌايو آهي.
ميري کي نڪو مان سنڌ جو جوڙو سهوت ٿو ميجان، نه ئي سنڌس ڪمن کي ساراهيان ٿو يا پٽ پرائي ڪريان ٿو. ميري جي ڪهاڻي مونکي دلچسپ محسوس ٿي ۽ سمجهيم ته پڙهندڙ به دلچسپي محسوس ڪندا، تنهنڪري لکيم.
پر هڪ ڳالهه ضروري آهي ته ميرو يا ميري جهڙا ٻيا ڏاڙيل (اڪثر) پاڻ مرادو ڏاڙيل نه بڻيا آهن. حالتون کين انهيءَ رستي ڏانهن وٺيو وڃن. جيڪڏهن ميري کي ٻڌا ڏوهه جي پوليس گرفتار نه ڪري ها، ميري جي ڀاڄائي غلط ڪم نه ڪري ها يا هڪ ڪمدار ڪيس ڪوڙ ۾ نه ڦاسائي ها، ته شايد ميرو ڏاڙيل جي بدران فقط هڪڙو محنتي هاري هجي ها.
ميري جي ڪهاڻي ائين آهي، جيئن ڪنهن به ڏاڙيل جي هوندي آهي. مونکي جنهن ڳالهه متاثر ڪيو، آها هئي- ميري جي سچائي ۽ جيل ۾ بهادري. ميري اهو ثابت ڪيو آهي ته ڪمزور نه ٿيڻ گهرجي، بهادريءَ سان هر ڏاڍ کي جهڪائي سگهجي ٿو.
مون جيل ۾ وڏن وڏن ليڊرن کي به ڀاڙيو ٿيندي ڏٺو آهي، جنکي اي ڪلاس، ايئرڪنڊيشنڊ ۽ هر سهوليت مليل هئي، پر سي ڪلاس ۾، هڪ ڪرمنل قيدي، ايڏي بهادري ۽ شان مان سان رهي - اهڙي بهادري گهٽ ماڻهن ۾ هوندي.

— طارق اشرف

# بدمعاشيءَ جو سبب

سيپٽمبر ١٩٧٥ع جي ڳالهه آهي. مونکي ڊفينس آف پاڪستان رولز (D.P.R.) تحت ڪراچيءَ مان گرفتار ڪري، حيدرآباد سينٽرل جيل آماڻيو ويو هو. اهو جيل منهنجي لاءِ نئون ڪونه هو، ٧٤ع ۾ پڻ ساڳي آرڊيننس تحت انهيءَ جيل ۾ رهي ويو هوس. پوين دفعي اپريل ٧٤ ۾ گرفتار ٿيو هوس، ۽ هاڻ سيپٽمبر ٧٥ع ۾. اهو عرصو وڏو ڪونه هو، تنهنڪري جيل اسٽاف به گهڻي ڀاڱي ساڳيو هو. ساڳيو سپرنٽنڊنٽ نورالاهي شيخ، ميڊيڪل آفيسر نور محمد ميمڻ، ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ محبوب ۽ جيلر راجا وغيره. ڪجهه اسٽاف بدلي به ٿي ويو هو.

گذريل دفعي مون سان گڏ شاهنواز شاهه، ڪنهيو لال، سردار علي شاهه، يوسف جکراڻي ۽ اسرار سرڪي وغيره هئا. انهن مان ڪي منهنجي هوندي، ۽ ڪي مونکان پوءِ آزاد ٿي چڪا هئا. پر هن دفعي نه فقط ساٿي ٻيا هئا پر اڳيون بي ڪلاس به ڪونه هو. انهيءَ بي ڪلاس ۾ سردار خيربخش مري ۽ مير غوث بخش بزنجو رهيل هئا، تنهنڪري مونکي اسپيشل وارڊ ۾ رکيائون. اهو وارڊ اڳ ۾ ليڊيز وارڊ هو. هاڻ هن ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ ايل-ايم-سي جا ڪجهه شاگرد حڪيم ٻپر، لعل بخش ناڏيچ، راجا رحيم کهاوڙ، سريش ۽ ٻيا رهيل هئا. مونکي وارڊ جي انهيءَ حصي ۾ رهايائون، جنهن ۾ ڪنهن وقت پير پاڳاري (پير صبغت الله) کي

انگريزن قيد ڪري رکيو هو.
مان اتي اڪيلو رهندو هوس. منهنجو وقت يا ته ڪتاب پڙهڻ ۾ گذرندو هو، يا سمهڻ، ۽ برداشتين (١) سان حال احوال ونڻ ۾.
مان صبح ۽ شام جو، پنهنجي ڪوليءَ اڳيان ورانڊي ۾، ڪرسي رکي ويهندو هوس. برداشتي به واندا ٿي اچي مون وٽ ويهندا هئا. مان هڪڙي قيديءَ کي ڏسندو هوس، جيڪو اڪثر پيتيءَ (٢) ملڻ ڪانپوءِ پوڙ کي تڙڪو لڳائڻ لاءِ اسانجي بورچي خاني ۾ ايندو هو. پنجونجاهه - ڇاونجاهه جي پيٽيءَ ۾ هو، جسم ڳرو، قد جو ڪجهه ننڍو، ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن کي مينڌي لڳل، پر اڪثر اڌ وار اڇا ۽ اڌ مينڌي هاڻا ڳاڙها هوندا هئا. اکيون سدائين ڳاڙهيون، اهڙيون جهڙو رت ٿو ٽمي. سندس اکين ۾ اهڙي دهشت هوندي هئي جو مان ڪڏهن به سانس نظرون نه ملائي سگهندو هوس.
ڪڏهن ڪڏهن عجيب حليي ۾ به ايندو هو. خالي سٿڻ پيل، باقي جسم اگهاڙو. مٿي ۽ ڏاڙهيءَ تي مينڌي مکيل، ڏاڙهي ۽ مٿي تي ڪيلي جا پن ٻڌل. اهڙو حليو ڏسي جيڪر کِل اچي، پر سندس اکين ۾ اهڙي دهشت هوندي هئي جو سانس اکيون ملائي ڳالهائڻ مشڪل لڳندو هو.

(١) برداشتي: جيل ۾ اي ڪلاس ۽ بي ڪلاس جي قيدين کي سي ڪلاس جا قيدي ڪم لاءِ ڏيندا آهن.
(٢) پيتو: جيل جي ماني.

انهيءَ کان علاوه سي ڪلاس جي عام قيدين وانگر هنڪي وڏي ٻورچي (جتي سيني سي ڪلاس جي قيدين جي ماني رڌبي آهي) جي بدران جيل جي اسپتال جي بورچيخاني مان به پوڙ ملندو هو. جيڪو ناغي جي ڏينهن مڇي، ۽ باقي ڏينهن ۾ گوشت هوندو هو. ٻيا قيدي چوندا هئا ته: "ميري جي خوراڪ تمام گهڻي آهي." پر ميرو چوندو هو ته: "مان وڏيڪ پيتو ڪچي قيدين لاءِ ونندو آهيان، چاڪاڻ ته انهن کي ماني گهٽ ٿي ملي ۽ ڪم گهڻو ٿا ڪن، جيڪي ڪچا قيدي مونوٽ ڪم لاءِ ايندا آهن، انهن کي ماني ڏيندو آهيان."

هڪ ڏينهن روز وانگر ورانڊي ۾ ويٺي ڪتاب پڙهيم ته ميرو آيو. نياز منجهان هٿ جوڙ ڪري اچي پيرسان پٽ تي ويهي رهيو. مون ڪتاب بند ڪيو ته پڇيائين، "سائين، منهنجي ڪري حرج ته ڪونه ٿيو؟"
مرڪي چيومانس، "ڪوبه حرج نه ٿيو. هتي سڄو ڏينهن پڙهڻ ۽ سمهڻ کانسواءِ ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي." ٿوري دير خاموشي رهي، پوءِ پڇيومانس، "ڪڏهن تا آزاد ٿيو؟"
جواب ڏنائين، "سائين سيلاب واري معافي اچي ته اڄ ئي ڇٽي ويندس."
ميري کان پڇيم، "اوهانکي سزا گهڻي لڳي آهي؟"
چيائين، "ارڙهن سال."

”ارڙهن سال!“ مون حيرت منجهان چيو. ”وڏي سزا آهي.“ ٻڌائين، ”١٩٠٣ع جي ٻئي مهيني جي ارڙهين تاريخ تي جهليو هوس. چار سال ڪچو هوس (ڪيس هلي رهيو هو.) ١٩٦٧ع ۾ سزا لڳي اٿم. معافي ملاڻ سان وقت اچي پورو ٿيو آهي. (اڌ سزا معاف ٿيو وڃي) سيلاب واري معافي حڪومت کان منظور ٿي اچي ته اوهان جي دعا سان ڇٽي وينداس.

هر قيديءَ وانگر ميري کي به پنهنجي جهلجهڻ، ڪچي رهڻ، سزا لڳڻ، سيلاب تي وڃڻ جي هرهڪ تاريخ، ڏينهن ۽ سال ياد بيٺو هو.

مون ميري کان پڇيو، ”اوهين ڪيترا ڀيرا جيل آيا آهيو؟“ ٻڌائين، ”سائين ڪيئن دفعا آيو آن. پروڏي سزا ۾ پهريون ڀيرو ٽيرهن سال جيل ۾ رهيس. هڪ دفعو نون مهينن جي سزا لڳي. پر شيشن مان جلد ضامن ٿي ويو. ۽ هن دفعي چوڏهن سال گذاريا اٿم. پهريون ۽ پويون دفعو جرڳي سزا ڏني.“

پڇيم، ”ٻاهر نڪري وري ساڳيا ڌنڌا ڪندا؟“

ڪجهه دير سوچي چيائين، ”سائين هاڻ پوڙهو ٿي ويو آهيان. سو شايد هاڻ نه ڪريان.“

چيو مانس، ”ميرا، هاڻ ڌنڌا ڇڏيو، اوهان پنهنجي زندگيءَ جو بهترين حصو ته جيل ۾ گذاري ڇڏيو آهي. باقي جيڪا زندگي بچي اٿوَ، انهيءَ کي ته سجايو ڪريو.“

ميري مُرڪي ڏنو، ڪجهه دير هيڏانهن هوڏانهن جون

ڳالهيون ٿيون، پوءِ مون کانئس پڇيو ته ميرو ٻڌائڻ لڳو:
”سائين، منهنجو اصلي نالو ميرمحمد آ. پر عام طرح مونکي سڏيندا ميرو. ميري جي نالي سان آهن. پيءُ جو نالو مصري خان آ، اصل ڳوٺ، جتي مان ڄائو ۽ نپنو آهيان، اهو آ زور ڳڙهه. ڳڙهي خيرو تعلقو ۽ ضلعو جيڪباباد (جيڪب آباد) آ. اسانجا وڏا اصل اتي جا ئي آهن. ۽ انهن جا وڏا بلوچستان کان آيا هئا. اسانجي وڏن جو ڪم پوک ڪرڻ هيو، پنهنجي زمين ڪونه هئي، ٻين جي زمين پوکيندا هئاسين. ذوالفقارعلي پٽي ۽ نبي بخش پٽي وارن جون گڏيل زمينون آهن. زورڳهڙ ڳوٺ آ واحد بخش پٽي ۽ دودو خان پٽي جو. واحد بخش پٽو، ممتاز پٽي جو چاچو هيو.
”مان کهڙي سال ۾ ڄائو آن، انهيءَ جو پتو نه اٿم، پر اهو ياد گيرو اٿم ته جڏهن سکر واري بئريج ٺهي هئي، تڏهن مان ڏهن ٻارهن سالن جو هوس، اهو به يادگيرو اٿم ته تڏهن منهنجو طهر ٿيو هيو، ۽ بابا مونکي جيڪمباد (جيڪب آباد) وٺي هليو هيو، بوٽ وٺي ڏيڻ.
”اسين ٽي ڀائر آهيون، ٽئي جيئرا آهن. وچون مان آهيان، وڏي جو نالو پيرل آ ۽ غلام حيدر ننڍو آ. چار ڀينرون هيئون، انهن مان ٽي فوت ٿي ويئيون، هڪ جيئري آ، مان پڙهيس ڪونه. قرآن شريف به اتي جنت (جيل) ۾ پڙهيو آن. وڏو ٿيس ته مان به پوک جو ڪم سنڀاليو.
مون ميري کان پڇيو ته، ”ميرا اوهان جي ڏوهن جي شروعات ڪٿان کان ۽ ڪيئن ٿي؟“

ميري مرڪي چيو: ”سائين شروعات ته اتان ٿي، جڏهن مون کو ڏوهه ڪيو ئي ڪونه هيو. اوهانکي ٻڌايو اٿم ته مان پوکيرائي ڪندو هوس تعلقي ڳڙهي خيرو، ضلعي جيڪاباد ۾. اتي جي دودا پور ٺاٺي جو جمعدار غلام محمد هڪ دفعي گهوڙيءَ تي چڙهي اسانجي ڳوٺ آيو. اهو ڳوٺ پٽڻ جو هيو. ذوالفقار علي ڀٽي جن جو. جمعدار ماکي چيو: ’توکي صوبيدار صاحب گهرايو آ. کو ڪم اٿس، تون هل.‘ مان پنهنجي گهوڙي سنجائي، غلام محمد جمعدار سان رلجي، دودا پور ٺاٺي ويس. صوبيدار مان سان هٿ ملايو، ۽ چيائين: ’مان توکي سنڌ فرنٽيئر ۾ چالان ڪريان ٿو‘. منهنجا تاڪ لڳي ويا. ڪجهه دير ته حواس ئي جاءِ نه رهيا. پر پوءِ حوصلو جهلي چيم، ’سائين، منهنجو رڪاٽ (رڪارڊ) صاف آ. مان نه اڄ ڏينهن تائين چوري ڪئي آ، نه ڪا ٻي بد معاشي ڪئي اٿم. مان بيگناهه آهيان، تون ڇو ٿو ماکي ذليل ڪرين.‘ پر صوبيدار منهنجي نه ٻڌي، ماکي لاڪپ ۾ وجهي ڇڏيائين.

”اٺ ڏينهن لاڪپ ۾ رکي، پوءِ جيڪاباد جي ڪليڪٽر وٽ منهنجو ڪيس پيش ڪيائين. اُهو ڪليڪٽر پٺاڻ هو. مون ڪليڪٽر کي چيو: ’سائين منهنجو رڪاٽ گهرائي ڏس، مان هڪڙو غريب هاري آهيان. سر شاهنواز ڀٽي (جناب ذوالفقارعلي ڀٽي جو والد) جو ماڻهو آن. تون مان سان ظلم نه ڪر.‘

”پر هن منهنجي ٻڌي ڪونه، ۽ ٽي سال سنڌ فرنٽيئر جي

سزا ڏئي ڇڏي ۽ ماڪي سکر سينٽر جيل اماڻي ڇڏيائون. (اهو انگريزن جو دؤر هو) پوءِ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ ڪراچي وڃي سر شاهنواز ڀٽي سان مليا. ذوالفقار علي ڀٽو انهن ڏينهن ۾ ننڍو هيو. سر شاهنواز هڪڙو ليٽر لکي منهنجي پيءُ کي ڏنو ته اهو وڃي جيڪماباد جي ڪليڪٽر کي ڏي، اهو ميري جو ضامن ڪٿندو.
بابي جڏهن اهو ليٽر ڪليڪٽر کي ڏنو، ته ڪليڪٽر ڪاوڙ منجهان اهو ليٽر ڦاڙي ڪٽي اڇليو. چيائين: 'مان ضامن نه ڪٿندم.' منهنجو پيءُ ۽ ماءُ وري ڪراچي شاهنواز خان ڀٽي وٽ ويا، اتي ذوالفقار علي ڀٽو به هيو. اهو پنهنجي پيءُ سان تکو پئجي ويو ته: 'اسانجي هاري، جنهن ڪڏهن به ڏوهه نه ڪيو آ، ڪليڪٽر ڇو انهيءَ جو ضامن نٿو ڪٿي. بابا ماڪي ڇڏيو ته مان ٿو وڃي ڪليڪٽر سان ڳالهيان.'
پر سندس والد کيس جهلمو، ۽ چيائين ته: مان وري ٿو کيس ليٽر لکان. هاڻ ضرور اسانجي هاريءَ جو ضامن ڪٿندو.
ڪليڪٽر اهو ليٽر به اڇلي ڇڏيو، پر بابا کي چيائين: 'وڃ ضامن وٺي آ. تو ته باهه پاري ڏني آ.' بابا پوءِ ضامن وٺي آيو. ڪليڪٽر ضامن ڪنيو ۽ ليٽر ڪڍيائين. ڏهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ اهو ليٽر جيل تي پهتو ۽ ماڪي آزاد ڪيائون.'
"سائين، مان هروڀرو سزا ڪاٽي. منهنجو ڪو به ڏوهه ڪونه هيو، مان به انسان آهيان، انهيءَ واقعي منهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو. ماڪي حقيقت ۾ حڪومت پاڻ بدمعاش

ڪيو. مان آزاد ٿيس ته انهيءَ جمعدار غلام محمد کي اچي ڊپ لڳو ته متان هيءُ مان سان وڙهي، سو انهيءَ ضلعي مان بدلي ڪرائي ويو. وري سنڌس پتو ئي نه پيو. ماکي متس ڪاوڙ به ڏاڍي هئي، پر هنجو پتو ئي نه پيو، ته ويو ڪاڏي.”

---

ڪيو. مان آزاد ٿيس ته انهيءَ جمعدار غلام محمد کي اچي ڏپ لڳو ته متان هيءُ مان سان وڙهي، سو انهيءَ ضلعي مان بدلي ڪرائي ويو. وري سندس پتو ڏي نه پيو. ماکي مٿس ڪاوڙ به ڏاڍي هئي، پر هن جو پتو ڏي نه پيو، ته ويو ڪاڏي."

# ڪارو ڪاري

”سائين جنگي ٻڌايو اٿم تہ اصل زور ڳڙهہ جا آهيون، پر پوءِ پنهنجي قوم سان پوڪ تي ناراضگي ٿي پيئي، تنهنڪري سڄو گهر ــــ مامو سندس اولاد، سوٽ، سيئي زور ڳڙهہ مان لڏي وڃي رُجهان جمالي ۾ رهياسي، جيڪو جهٽ پٽ تعلقي ۾، ۽ ضلعي نصيرآباد ۾ آ. اهو ڳوٺ جعفرخان جماليءَ جو هيو. جڏهن رُجهان ۾ لڏي وڃي رهيا هئاسي، تنهن وقت منهنجي عمر پنجويهہ ڇويهہ سال هئي.“

مهرو ڪجهہ دير لاءِ ماٺ ٿي ويو، ۽ پوءِ مٿي تان اڇي ڪپڙي جي ٽوپي لاهي، مٿي تي هٿ ڦيريائين، ۽ وري پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳو:

”وڏي ڀاءُ پيرل ۽ منهنجي شادي زورڳڙهہ ۾ پنهنجي قوم مان ٿيل هئي. پر پيرل جي زال شاديءَ جي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ گذاري ويئي، تنهنڪري پيرل جي ٻي شادي رُجهان ۾ ڪرائي سي. آها مائي اسان ٽڪن تي ورتي هئي. سونهي ڪنهڙ جمي ڏيءَ هئي. سٽ سؤ رپيا ڏنا هئا سي، انهن ڏينهن ۾ ستَ سؤ رپيا سائين وڏي ڳالهہ هئي.

”ڪجهہ وقت ڪانپوءِ آها مائي ــــ يعني منهنجي ڀاءُ جي زال، ٻئي مڙد سان ڪري پيئي، هڪ رات زائفان منهنجي ڀاءُ سان سٽل هئي. آڌيءَ رات جو هوءَ چيڙي ڪري اٿي ۽ جهنگ ڏانهن وڃڻ لڳي، منهنجي ڀاءُ کي شڪ پيو تہ

هو مان سان هليو. سارين جي ڪٽائيءَ جي مند هئي. پرسان جهنگل هيو. مان ڪيس اُتي وٺي ويس. جهنگل ۾ ڪافي پنڌ هلڻ ڪانپوءِ هن پڇيو، ’ميرا، ڪٿي آ تنهنجو دوست؟‘ مان يڪدم ڪهاڙي اُپي ڪئي، ۽ چيومانس، ’چپ ڪر ويهي رهه، تنهنجي ته پيءُ ڪي.... تون ڪارو آن. تون سمجهي ٿو اسان غافل آهيون.‘

”هو ڏڪندو ويهي رهيو، هنجي اکين ۾ خوف هيو. مان ڪهاڙي اُپي ڪيو مٿان بيٺو هوس. ايتري ۾ منهنجو پيءُ زائفان کي به گهليندي آتي پهچي ويو، هنن گهٽو ڏني ليلا هيو، پر هڪ ڌڪ سان انهن جا ڪنڌ وڃي ري پياه

’اسين ڪارو ماري، انهن جي لاشن کي ڪٽي اُتي رکيوسي، تي منهنجي پيءُ انهن کي ڏنو هيو جعفر خان جماليءَ کي بر پيٺي ته هنکي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. تم اوهان ٻئي هند ون ڪري جاءِ واردات رُجهان چو ڏيکاري. تنهنڪري ماليءَ اسان سيني کي ٻئي ڏينهن تي ٻڌ رائي ڇڏ يو — ٽن رن ۽ پيءُ کي. اُتي جي ڪيترن ماڻهن پنهنجي وسان ثنايو ڪونه — ته انهن حق ڪيو آ، غيرت جو ڪم يو آ. اُنهن آزاد ڪرائڻ جي گهٽي ڪوشش ورتي، پر الي ڪنهنجي به نه ٻڌي.

ليس اسانکي ٻڌي، رجهان کان ڇهه ميل پري، جهٽ پٽ ٿهر آ، اُتي وٺي ويئي. اُتي ڪچو جيل آ. اُتي وڃي

انکي رکيائون، آئي اسانکي پوليس تڪليف ڪابہ نہ ني •
جيل جي ٻاهرين پاسي هڪڙو لوهي شيخن جو جهنگلو و، صبح جو انهيءَ ۾ وچي ويهاريندا هئا، اُتان رستو ف نظر ايندو هيو. اسين هر ايندڙ ويندڙ کي ڏسي گهندا هئاسي.
نهيءَ ڪچهي جيل ۾ اسانکي ادائي مهينا ٽي ويا، نہ ڪيس ي، نہ ڪا ٻي ڳالهہ. اوهي نہ واهي، نڌڪا ٽيو وينا سي •
هاڻ اِها ڳالهہ توهان اِتي دل ۾ رکجان، پهرين ٻي ڳالهہ ٻڌايان، اِها انهيءَ ڳالهہ سان واسطو ٽي رکي. اسين رجهان رهندا هئاسين، رجهان کان ميل سوا ميل پري تاج پور شهر آ. آتي هڪڙو همراهہ ڪاڻون ٻاهران لڏي، ر ٻار سان اچي رهيو هيو. هن پنهنجو نالو علي محمد ۽ مهر ٻڌائي، پنجاهہ سٺ ماڻهن جو اڻالو هيو هنن جو، يءَ سان اسانجي چاڻ سڃاڻ پوري ساري هئي، ٻر خبر تہ ماڻهو سٺو آ.
ڪڙي ڏينهن اسان سوچيوسي تہ علي محمد مهر کي و موڪلي سڏايون تہ اسانجي ڪا مدد ڪري. اسين انهيءَ سوچ ۾ هئاسي تہ اسان جهنگلي مان ڏٺو تہ محمد مهر گهوڙي تي سوار شهر ڏانهن پي ويو. اسان انهيءَ وقت ڪو ماڻهو نہ هيو جو علي محمد کي سڏي . اسانکي ڏاڍي بيقراري ٿي تہ متان علي محمد هليو نہ

”اها ڳالهه، ٻڌي اسان سندس ٿورا مڃيا ۽ ٻڌايوسين ته اسان تو ڏانهن ماڻهو موڪلڻ وارا هئاسين.“

”ڪجهه ڏينهن کانپوءِ جرڳو ويٺو. پوليس اسانکي جرڳي وٽ وٺي هلي. جرڳي ۾ جعفر خان جمالي اسانجو ساٿ ڏنو. چيائين: ’هنن ڪو ڏوهه نه ڪيو آ. ڪارو ڪاري ڪيو اٿن، سو به هنن نه ڪونه ڪيو آ‘. وري منهنجي پيءُ کان پڇيائين: ’بابا، ڪارو ڪاري تو ڪيو آ؟‘ پيءُ جواب ڏنو: ’ها سائين، مان ڪيو آ.‘ پڇيائين: ’تنهنجي پٽن يا ٻئي مدد ڪرائي هئي؟‘ هن چيو: ’نه.‘
”پوءِ جرڳي رڳو وڏي پيءُ کي ڏوهاري ڪيو، ۽ اسان ٻنهي کي آزاد ڪيائون.
”جرڳي جي ڏوهاري ٺهرائڻ کانپوءِ، سزا جو اختيار وري ڊپٽي ڪمشنر کي ڏنائون. جعفر خان جمالي ڊپٽي ڪمشنر کي به سفارش ڪئي هئي. سو هن پيءُ کي چيو: ’بابا، توتي سؤ رپيا ڏنڊ آ، جيڪڏهن جرم (پئسا) ڀري ڏين ته توکي آزاد ڪريان، نه ته ڇهه مهينا ٽيپ ڪاٽڻي پوندي.‘
’منهنجي پيءُ، پنهنجي سوٽ محمد بخش کي سڏرايو، جيڪو ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ٻاهران ويٺو هيو، هن ڏنڊ جا پئسا ڀري ڏنا. ۽ منهنجو پيءُ آزاد ٿي ويو.“

”علي محمد مهر ڪي مان سڃاڻندو هوس، پر هن سان اڳ ۾ تعلقات بلڪل ڪونه هئا. پر هن اسان سان ورڪيو،

وڏو احسان ڪيو هيو. هو بهادر ماڻهو هيو، تنهنڪري هن وٽ بهادرن جو قدر هيو. هن مون ۾ ڪا مٽيا ڏٺي هئي. خير، جڏهن اسين آزاد ٿي ڳوٺ پهتاسين، ته علي محمد پنهنجي سؤٽ حاجي عبدالرحمان سان گڏ اسانکي مبارڪ ڏيڻ آيو، ۽ پوءِ اسانجو پاڻ ۾ رستو ٿي پيو."

# شروعات

”جنهن ڏينهن علي محمد اسانجي ڳوٺ مبارڪ ڏيڻ آيو هيو، انهيءَ جي و يهن پنجو يهن ڏينهن ڪانپوءِ علي محمد گهوڙي تي چڙهي اسانجي ڳوٺ مان سان ملڻ آيو. پر خبر پيس ته مان جيڪماباد (جيڪب آباد) ويو آهيان. سو هيءُ به انهيءَ گهوڙي تي جيڪماباد آيو. جيڪماباد اُتان پنج ڪوهه تي آ.

”هيءُ پڇائون ڪندي ڪندي اچي مان سان بازار ۾ مليو. مان گهر جون ڪجهه شئون ورتيون هئيون ۽ هاڻ موٽڻ وارو هوس جو علي محمد اچي پهتو.

”علي محمد ماکي چيو ته: ’اڄ نه موٽ، اڄ هتي ئي ٽا رهون.‘

”مان کيس چيو: ’مان وٽ فقط به رپيا آهن، سو ڪيئن رهبو؟‘

”هن چيو: ’پئسن جي پرواهه نه ڪر. مان وٽ آهن، فلم ڏسنداسين، گهمندا ڦرنداسين. سڀاڻي واپس هلنداسين.‘

”جيڪماباد ۾ منهنجو هڪڙو پوليس جو جمعدار رسول بخش ذات جو چانڊيو، دوست هيو، مان هن وٽ رهيل هوم، مان علي محمد کي به وٺي آئي رهايم. سڄو ڏينهن گهمندا ڦرندا رهياسين، فلم به ڏٺي سين، رات جو سمهڻ وقت علي محمد ماکي چيو: ’منهنجو توهم هڪڙو ڪم آ، پر ڊپ اٿم ته تون انڪار ڪندين.‘ دل ۾ چيم: هنجو هيترو احسان

’نه مڃيندي نه ڳالهه.‘ حيران ٿي پڇيو مانس: ’پر مان نه ڇيو هلنداسي.‘ علي محمد چيو: ’هلنداسي نه. بس هينئر ئي هاڻو آ.‘ مان يڪدم چيو: ’هل، هينئر ئي هل:‘ علي محمد چيو ته: ’گهوڙا تو واري دوست جمعدار کي ڏي ته ڳوٺ پهچائي.‘ مان جمعدار کي چيو: ’گهوڙا ۽ شيون اسانجي گهر پهچائي ڇڏ، ۽ گهر وارن کي چئجان ته فڪر نه ڪن، مان ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو وڃان، جلدي موٽي ايندس.‘ ماکي اهو به خيال هو، ته گهر وارن کي اهو فڪر هوندو ته جنگي ڪارو ڪاري ڪري ماريو اٿئون، متان انهن جا مائٽ پلاند نه وٺن.

”خير سائين، اسين رات جو ڏهين وڳي ڪوئيٽا ميل ۾ چڙهياسي ۽ اچي شڪارپور ۾ لٿاسي. آتي هوٽل ۾ مسواڙي ڪمرو ورتوسي. اهـا رات اسين آتي رهياسي. ٻئي ڏينهن علي محمد ماکي بزار وٺي هليو. ڇهن پنجن ڏينهن ۾ منهنجا ڪپڙا ميرا ٿي ويا هئا، علي محمد منهنجي لاءِ نوان ڪپڙا وٺي انهيءَ وقت سبراياـ شلوار، خميس، پٽڪو، هڪڙو رومال ۽ ڏهه رپيا منهنجي کيسي ۾ وڌائين. جيڪما باد ۾ به هن مڙس ڏاڍو خرچ ڪيو هيو، روز سؤ ڏيڍ سؤ رپيا ٿي خرچ ڪيائين. انهيءَ وقت جا سؤ ڏيڍ اڄ جي هزار کان مٿي هيا.

”ڪپڙا ملي ويا ته آهي پاڻي، اسين اچي ريل ۾ چڙهياسي.

وڙهنداسين. نيٺ ڪوسن مائي موٽائي. غلام حسين کي جيل ۾ سچي حقيقت معلوم ٿي، پر هو مجبور هيو لاچار هيو، ڪجهه نٿي ڪري سگهيو. ٻارنهن مهينن ڪانپوءِ جڏهن سزا پوري ٿي ته غلام حسين ڳوٺ موٽي آيو. گهر وارن وري کيس سچي حقيقت ٻڌائي.

”غلام حسين ارادو ڪيو ته اڳ ۾ پنهنجو لڏو اتان ڪڍي خيرپور چڙهي اچان، پوءِ اچي ڪوسن سان وڙهان. هنن پاسي ڪوسن کي خبر هئي ته غلام حسين ضرور وڙهندو، ڇڏيندو اصل ڪونه. انهيءَ ڪري جيستائين غلام حسين حملو ڪري، اڳ ئي هن تي حملو ڪري ماري ڇڏجي نه ته هو اسانکي ماريندو. اهو سوچي هنن ست اٺ همراه پاڻ سان ورتا ۽ اوچتو غلام حسين جي ڳوٺ تي حملو ڪري آيا. غلام حسين پنهنجي گهر ۾ هيو، ڪوسا نعرا هڻندا سندس گهر ۾ ڪاهي پيا. غلام حسين دروازي جي آڙ وٺي بيٺو ۽ ڪوسن تي فئر ڪيائين. ڪوسن به فئر ڪيا انهن جي فئرن سان غلام حسين جو پيءُ آتي ئي مارجي ويو، غلام حسين جو هڪڙو سؤٽ به مارجي ويو. غلام حسين آڙ وٺيو بيٺو هيو، ۽ جوش ۾ چڙهيو ٿي پيو، سندس فائرنگ ۾ تمام تيزي اچي ويئي، ۽ ڪوسا ڪمزور پئجي ويا. ڪوسا سمجهي ويا ته آهي غلام حسين سان پهچي ڪونه سگهندا، حالانڪ آهي جهجها هئا، ۽ غلام حسين اڪيلو هيو. نيٺ ڪوسا وجهه وٺي، پوئتان نڪري ويا. غلام حسين هنن جي ڪڍ لڳو. ٿورو اڳتي جڏهن ويو ته ڪوسن جو هڪڙو فئر

چئي نٿو سگهان. اوهان اڳ ۾ ماڪي ماري ڇڏيو، مان توهان سان مقابلو نه ڪندم. پوءِ پلي پاڻهون ڪٿي وڃو.“
”غلام حسين جا ساٿي خاموش ٿي ويا. چيائون: ’ادا، اسين پاڻهون نه ڪٿڏاسين. اهي تنهنجون پيٽرون آهن ته اسانجون به پيٽرون آهن.‘
”غلام حسين شيرل وارن جي ٻي پاڙي خان وٽ آيو، چيائين: ’ماڪي خبر آ، تو پاڻ جهيڙو وڌايو آ. تو پنهنجي پٽن جي غلط ڪمن جي پٺڀرائي پئي ڪئي آ. مان تو کي ماريان ڪونه ٿو. هاڻ تون پٺيندو رهه، جوان تنهنجا مري ويا. مان حق تي هوس، تنهنجا پٽ ناحق تي هئا.‘

”پوءِ غلام حسين خيرپور موٽي آيو ۽ پنهنجو لڏو اتئون ڪان ڪٿي رجهان وٽ تاج پور ۾ اچي رهيو.“

---

# عجيب چوڪري

”هڪ ڏينهن غلام حسين مون وٽ آيو. ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين: ’ميرزا، هاڻ وري هلڻ گهرجي، جيڪا رقم هئي، سا پوري ٿيڻ واري آ.‘

”غلام حسين جو ڪٽنب ڪافي وڏو هيو. ڪيس ٽي زالون ۽ ٽي پٽ هئا.

”مون کيس چيو: ’جيڪا تنهنجي مرضي. جڏهن به چئين مان هلڻ لاءِ تيار آهيان، چڙو گهر وارن کي ٻڌائڻو آ.‘

”هڪ ڏينهن اسين صبح جو ساجهر ساڳي ملڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتاسين. مون گهر وارن کي ٻڌايو ته: دوستن وٽ گهمڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون، ڪجهه مهينا لڳي ويندا.

”هن دفعي اسين ٽي هئاسين. ٽيون غلام حسين جو سوٽ عبدالرحمان هيو. اسين پهرين غلام حسين جي ڳوٺ وياسين. ستّ اٺّ ڏيهاڙا اُتي رهياسين. غلام حسين چار ٻين همراهن کي گهرايو. اسان ٽنهين وٽ رائفلون هيون. جيڪي ٽي همراهه آيا هئا، انهن مان ٻن وٽ بندوقون هيون. گهوڙا ستن وٽ ئي هئا.

”اسانکي پتو پيو هيو ته دولت پور تعلقي جي ڳوٺ منگڙي جي واڻين وٽ ڌن گهڻو آ. اسانکي اها به خبر پئي هئي ته ڳوٺ وڏو آ، ۽ واڻين جي گهرن کي وڏو پڪو سرو ڪوٽ ٻڌل آ.

# عجيب ڇوڪري

” هڪ ڏينهن غلام حسين مان وٽ آيو. ڳالهين ڳالهين ۾ ۾ چيائين: 'ميرا، هاڻ وري هلڻ گهرجي، جيڪا رقم هئي، سا پوري ٿيڻ واري آ.'

” غلام حسين جو ڪٽنب ڪافي وڏو هيو. ڪيس ٽي زالون ۽ ٽي پٽ هئا.

” مان ڪيس چيو: 'جيڪا تنهنجي مرضي. جڏهن به چئين مان هاڻ لاءِ تيار آهيان، ڇڙو گهر وارن کي ٻڌائڻو آ.'

” هڪ ڏينهن اسين صبح جو ساجهر ساڳي ملڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتاسي، مان گهر وارن کي ٻڌايو ته: دوستن وٽ گهمڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون، ڪجهه مهينا لڳي ويندا.

” هن دفعي اسين ٽي هئاسي. ٽيون غلام حسين جو سوٽ عبدالرحمان هيو. اسين پهرين غلام حسين جي ڳوٺ وياسي، ستّ اٺّ ڏيهاڙا اُتي رهياسي. غلام حسين چار ٻين همراهن کي گڏهرايو. اسان ٽنهين وٽ رائفلون هئيو سي. جيڪي ٽي همراهه آيا هئا، انهن مان ٻه ٻن وٽ بندوقون هئيون، گهوڙا سڀني وٽ ٿي هئا.

” اسانکي پتو پيو هيو ته دولت پور تعلقي جي ڳوٺ منگڙي جي واڻين وٽ ڌن گهڻو آ. اسانکي اِها به خبر پئي هئي ته ڳوٺ وڏو آ، ۽ واڻين جي گهرن کي وڏو پڪو سرو ڪوٽ ٻڌل آ.

آ، تنهنجو پاءُ به جعفر خان جماليءَ وٽ هليو هيو.' غلام حسين چيو: 'منهنجو توتي اعتبار آ. تو جهڙي دوست تان سر قربان، تو مان سان جيڪو وڙ ڪيو آ، سو مان ڪڏهن نه وساريندس.'

"پوءِ اسين ستو رُجهان وياسي. وچي مير جعفر خان جماليءَ سان مياسي، شاهنواز خان ۽ قيصر خان به اُتي هئا، اُهي غلام حسين سان ڀاڪر پائي مليا، چيائون: 'تون اسانجو ڀاءُ آهين، جيئن هتي رهين ته مرضيءَ جو مالڪ آن. پنهنجي هند رهڻ چاهين ته به بلاشڪ رهه. تون بي ڏوهي آن.' غلام حسين ميرجعفر خان کي چيو: 'سائين هاڻي مان هتي نه رهندس، پنهنجي جنهن هنڌ چئين مان هتي وڃي رهندس. تنهنجو هارپو ڪندس.'

"پوءِ غلام حسين اُتان لڏو ڪڍي وڃي هيڊ باغ رهيو."

مان گڏ ٻانهن وٺڻ آيو هيو. هنڪي ٻانهن نه ملي، هن ڪاوڙجي چيو: 'مان توهانکي ڏسي وٺندس.' اسان چيو: 'توکي اختيار آ، جيڪو وڻئي سو ڪجانءِ.' ۽ پوءِ هو ٻئي هليا ويا.

"اسان ٻانهن زبردستي جهلي ورتي هئي. پندرنهن ويهه ڏينهن گذريا ته غلام حسين ۽ عبدالرحمان موٽي آيا ۽ چيائون ته: 'ڳالهه ٻڌ، ٻانهن في الحال اوڏانهن نٿا وٺي هلون. رستي تي جيڪڏهن ٻانهن دانهن ڪوڪ ڪئي ته، اسان ڦاسي پونداسين، اسان پاڻ وارنتي آهيون، ٻڌجي پونداسين. هاڻي هيئن ٿا ڪريون جو ڪٿوهرن جي ڳوٺ ٿا هلون. اُتان هنجو پاءُ يا چاچو وٺي ايندا سين ته جيئن اهي ٻانهن وٺي وڃن، پوءِ ڇڏينس يا ڪاري ڪري ماريس. هاڻ اسانجي صلاح اِها اٿئي، وڌيڪ جيڪا تنهنجي مرضي.' مان ڪجهه سوچيو، پوءِ چيم: 'بلاشڪ اها سهڻي صلاح آ.'

"انهيءَ مائيءَ کي جو خبر پيئي ته کيس واپس ٿا ڪن ته هوءَ اچي ڊني، کيس خبر هئي ته جيڪڏهن مائٽن وٽ ٿي ته اهي کيس ڪاري ڪراي ماري ڇڏيندا. هڪ رات غلام حسين گهر ۾ گهڙيو ته مائي اڳ ۾ ئي سندس گس جهليو بيٺي هئي. غلام حسين کي ڏسندي ئي کيس چنبڙي پيئي، چيائين: 'ماکي مائٽن جي حوالي نه ڪر. تون پنهنجي

موڪلائي هيڏ باغ هليو ويو. اسين به پنهنجي ڳوٺ موٽي آيا سين.

”پٺي ڏينهن ڇا ٿيو جو غلام حسين ڌاڙيل ٻارن ٻچن سميت قرآن کڻي منهنجي گهر تي آيو. سنڌ ۾ زال پٺاڻي، جيڪا منهنجي پيءُ ٽيل هئي، سا به گڏ هئي. غلام حسين چيو ته: ’مان قرآن پاڪ به کڻي آيو آن، نياڻيون به وٺي آيو آن. تون خدا جي واسطي پنهنجي دل مان اها ڳالهه ڪڍ. تون مان سان دوستي نه ڇڏ، اسانکان پري نه ٿي. منهنجي خطا معاف ڪر.‘ پٺاڻي به روئي ڏنو. مان غلام حسين کي ڀاڪر پاتو، چيم: ’منهنجي دل هاڻ صاف آ. تون منهنجو ڀاءُ آهين.‘

”پر پوءِ اسين وري ڀيرين جيئن گڏ ڌاڙا هڻڻ نه ويا سين. پوءِ مان پين همراهن سان گڏ ڌاڙا هڻڻ ويندو هوس.“

ڪان ڦري، پٺ ڏاهون ويو. غلام حسين جو ڏيان سامهون واري پاسي هو. پٺ جي ڪيس خبر ڪانه هئي. هٿن پوليس واري پٺ کان فئر ڪيا. اهي فئر وچي غلام حسين جي پٺيان لڳا، هو ڌ ڪجي پيو. پهرين ته ڪري پيو، پر وري اٿيو ۽ گوڏو ڪوڙي ويهي رهيو. انهيءَ ڳالهه ڪي به ڪلاڪ ٿي ويا. پوليس کي همٿ نه پئي ٿئي جو اڳتي وڌي. نيٺ پوليس کن پنهنجي ماڻهن کي زوري مو ڪليو ته وڃي ڏسي اچو. انهن اچي ٻڌايو ته: 'بابا هو، ته ڪڏهن ڪان ختم ٿي ٿي ويو آ، مارجي ويو آ، اوهين ڊپ ۾ وڃو ڪونه ٿا.' پوءِ پوليس ويئي آ، اڙل ٿيي لاش سيوهڻ کڻي ويئي.

” اهڙيءَ طرح غلام حسين جهڙو جوان، دوکي ۽ فريب سان مارجي ويو.

” ۽ پٺي پاسي آهو غدارعاقل، جنهن دوکي سان غلام حسين کي مارايو، انهيءَ کي اچي ڊپ لڳو ته متان غلام حسين جا دوست ماڪان نه بدلو وٺن، انهيءَ جو سورنهن سترنهن ڏينهن ڪانپو هاٿ (هارٽ) فيل ٿي پيو. دل تڻي پيس مري ويو.“

ڊرائيور کي ٻانهن ۾ گولي هڻي ڪڍي. لاري ڊرائيور جي قابوءَ کان ٻاهر نڪري ويئي، ۽ کاميءَ ۾ وڃي گهڙاٽ ڪري بيهي رهي. اسان ڊوڙي وڃي اتي پهتاسي ۽ سڀني مسافرن جي تلاشي ورتي، جنهن وٽ جيڪو ڪجهه هيو اهو سڀ ڪجهه ڪيرائي ورتوسي. البت عورتن کي هٿ ڪونه لاتوسي. ٻه ڪانپوءَ ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا. ۽ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ڪي ماڻهو پوليس وٽ پهچي ويا ۽ اطلاع ڪيائون ته لاريءَ کي ڏاڙو لڳو آ.

”ڪلاڪ کن ڪانپوءِ پوليس پهچي ويئي، اسان پوليس سان پورو پورو مقابلو ڪيوسي. نيٺ پوليس ٽرڪ سوڌي قاضي احمد ڏانهن موٽي ويئي.

”اسين ٻيلي ۾ موٽي آياسي. اسين هڪ ٻه ڏينهن ٻيلي ۾ رهيل هئاسي. اسانکي خبر پئي ته پوليس اسانجا پير کڻي پئي. پر پوليس رکو بندتي هيڏي هوڏي ڦيرا پائيندي رهي، هيٺ ٻيلي ۾ نه لٿي. پوءِ اسين آتي ٽي ڏينهن رهي، چوٿين ڏينهن موٽي آياسي.“

# احمد خان ڏيپر جو ڏاڙو

”پاڪستان هندستان اچان مس ٺهيا هئا، تڏهين جي ڳالهه آ. جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جو والد سر شاهنواز ڀٽو ڪراچيءَ ۾ رهندو هيو. خبر نه ڪهڙيءَ ڳالهه ڪري ڪيس حفاظت جي ضرورت پئي. هن نئون ديرو ڏار ڪئي ته ميري ڪي چئو ته مانوٽ اچي پهر و ڏي. انهن ڏينهن ۾ اسين اچي اميرآباد ۾ رهيا هئاسي. ڀٽي صاحب جو ڪمدار مان وٽ آيو. مان انڪار ڪيو ته: نوڪري مان ڪان ڪانه ٽيندي. نوڪري آهي ٽوڪري. خبر نه موڪل ڏين يا نه. اسين آزاد ماڻهو، سو مان ڪان ڪانه ٿي نوڪري پڄي. پر بابا ۽ ڀين مائٽن زور ڀريو ته: 'تون ضرور وڃ. ڀٽي صاحب سڏايو آ. اسين اصل ماڻهو به ته ڀٽي صاحب جا آهيون.'

”سيٺي جي زور ڀرڻ تي نيٺ مان سنبريس. ڪپڙا ڪنيم، چمڙي ۾ هند ڀڏم. ڀٽي صاحب جو وزير، جيڪو زمينون وغيره سنڀاليندو هيو، هن ماڪي خرچ پکي لاءِ تي سؤ رپيا ڏنا هئا. مان اچا سنبري تيار ٿيس ته هڪڙو ماڻهو ماڪي سڏڻ آيو ته: فلاڻا ماڻهو، فلاڻي هند وينا آهن، آهي توکي سڏين پيا ته تون اچي ملي وڃ؟ پهرين سوچيم ته نه وڃان. پر پوءِ سوچيم: ٺيڪ آ، انهن سان ملي ٿو اچان، ادائي ڪوهن ني ته آهن، ڏسان چا ٿا چون، انهن سان ملي ڪراچي هليو ويندم.

ڏنو ته: ھاڻ سچي ڪر ته احمد خان کي ڏاڙي ھٿن ۾ تون ھئين يا نه؟ ھاڻ مان ٻڌجي ويس. قرآن تي ڪوڙو قسم ته نه کڻبو. نيٺ قبولدار ٿيڻو پيو.

ماکي ست سالن جي ٽيپ لڳي. اڳ ۾ ماکي سينٽرل جيل سکر وٺي ويا. پوءِ سينٽرل جيل حيدرآباد آماڻيائون ۽ پوءِ ٽاري جيل (حيدرآباد) موڪليائون.

پوءِ منهنجي هٿتي اٺري ڪري، ٻئي ڏينهن جيل بدليءَ جا ڪاغذ ٺاهي، ماڪي سينٽرل جيل حيدرآباد اماڻي ڇڏيائون.

"سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ انهيءَ وقت هادي بخش شيخ سپرينٽينڊنٽ هو. هو تمام ظالم سپرينٽينڊنٽ هو، قيدين تي ڏاڍا ظلم ڪندو هو.

"ٺاري وارو ڪيس مون تي ٻه سال هليو هو. ٻه ڪيس هئا هڪڙو پوليس ۽ ايس- پي- آر سان جهيڙي جو ۽ ٻيو جيڪو سپاهي مئو هو، اهو. سپاهي وارو ڪيس سيڪنڊ سب جج گهلو صاحب جي ڪورٽ ۾ هلندو هو. ۽ ايس- پي- آر سان جهيڙي وارو سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾. پنجين ڇهين ڏينهن هڪڙي ڪورٽ ۾ ۽ انهيءَ جي پنجين ڇهين ڏينهن ٻي ڪورٽ ۾ ڪيس هلندو هو. ڏنڊا ٻيڙي رات ڏينهن اڱل هوندي هئي. سمهندو به ڏنڊا ٻيڙيءَ سان هوس. شروع ۾ ڦاهين نمبر بند وارڊ ۾ رکيو هئائون. اٺن نون مهينن کان پوءِ ڪاري چڪر ۾ ڊبل ۾ رکيائون. (١)

"ڏيڍ سال ڪيس الڳ الڳ ڪورٽن ۾ هلندا رهيا، پوءِ ٻئي

---

(١) ڊبل- ڪن جيلن ۾ ماڙيون آهن، جنکي جيل وارا ڊبل چوندا آهن. هر جيل ۾ ٻه چڪر ٿيندا آهن. اڇو چڪر ۽ ڪارو چڪر. اڇي چڪر ۾ ننڍي سزا وارا ۽ ڪچا قيدي رکيا آهن. ڪاري چڪر ۾ وڏي سزا وارا ۽ خطرناڪ قيدي رکيا آهن.

ٿي ويو هيو. ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون، منهنجي دل ٺري پئي، منهنجو بدلو ٿي ويو."

”عثمان علي سورهياڻي جيلر ماڪپي چڱو هيو ته جيل وارا توسان نه وڙهندا، قانوني ڪارروائي ٿيندي. سو ائين ئي ٿيو، جيل وارا مان ساز ڪونه وڙهيا، نه ته شل نه جيل ۾ ڪو قيدي هيڙي حرڪت ڪري، جيل وارا هنجون ٽنگون ٻانهون ماري ماري اصل پيچي ڇڏيندا هئا، پر مان سان نه وڙهيا البت جيل جي قانوني ڪاروائي ڪيائون.

”واحد بخش شيخ رهزن سپريڊنٽ هيو، پر ڪيس ڊپ لڳو ته متان ڪيس ڪورٽ ۾ موڪلڻ سان هو پاڻ نه ڦاسي پوي ته تنهنجي جيل ۾ غفلت سان ڪم ورتو ويو آ، تنهنڪري هن ماڪپي جيل جي قانوني سزا ڏني. جيڪڏهن ماڪپي نٿو ڏي ته قيدين تي خراب اثر پوندو. ٻيا قيدي اهو سمجهندا ته شايد سپريڊنٽ هڪ قيديءَ کان ڊڄي ويو.

”انهيءَ واقعي جي پٺي ٽيئي ڏهاڙي سپريڊنٽ راؤنڊ تي آيو، جڏهن مان وٽ پهتو ته منهنجو ڪتاب (١) گهرايائين ۽ لکيائين ۽ ته هنکي پندرنهن ڦٽڪا هنيا وڃن. پر جنهن

---

(١) ڪتاب: جيل ۾ هر قيديءَ جو هڪ ننڍڙو رجسٽر هوندو آهي، جنهن ۾ هنجي سزا، سزا جي نوعيت، گرفتاري جي تاريخ، معافي، ڇٽڻ جي تاريخ لکيل هوندي آهي.

ويو آهي هن وقت ميرو اسپتال جي ڊبل (ماڙي) تي آ.'
”چام غلام قادر کيس چيو: 'هل هلي ماڪي ڏيکار ته ميرو ڪاٿي آ.' هن قيدي، چام کي سڏ و آئي منهنجي سامهون بيهاريو. چام ماڪان پڇيو، مان کيس سچي حقيقت ٻڌائي. ۽ جيل ۾ ڇا پيو وهي واپري اهو به ٻڌايومانس.
”چام غلام قادر ڇا ڪيو جو يڪدم تيرهين نمبر (١) ۾ نوٽ هنيو ته سپريڊنٽ ڦٽڪن جي سزا لکي، آء. جي جيل کي موڪلي، پوء آء. جي جانچ ڪرائي. آء. جي جيڪڏهن ڦٽڪن هڻڻ جي اجازت ڏي ته ڦٽڪا لڳايا وڃن، نه ته سپريڊنٽ کي اهو اختيار نه هوندو جو هو پنهنجي مرضيءَ سان ڦٽڪا هڻي.
”چام غلام قادر هادي بخش کي نوڪريءَ مان پيو ڪڍي، پر مير رسول بخش ٽالپر وچ ۾ پئجي هادي بخش کي بچايو. پر چام، هادي بخش جي، جيل تان يڪدم بدلي ڪري ڇڏي.“

”ماڪي سٽ ڦٽڪا ته رڳو هادي بخش شيخ هڻائي ڇڏيا. وري الاهي بخش شيخ سپريڊنٽ ٿي آيو. انهن ڏينهن ۾ رحيم هنگورو (٢) به حيدرآباد سينٽر جيل ۾ هو. هن تي ڏاڍي

(١) تيرهون نمبر: جيل وارن جي ڪا شڪايت يا ڪين سزا ڏيڻي هوندي آهي ته آها جيل جي قانون ١٣ ۾ لکبي آهي.
(٢) رحيم هنگورو: سنڌ جو هڪڙو ناميارو ڌاڙيل.

سول (اسپتال) ڪڍائي ويا. مهيني ڪانپوءِ ٺيڪ ٿي آيو. ڳهه نهي ته ويئي، پر منهن ڪائي هلندو هيو، ڇڪ ردي ويو.

سپريڊنٽ مان تي جيل ۾ ڪا سختي نه ڪئي، هن ماڪان پڇيو، پين ڪان به پڇيائين، سيني پڌايو ته: ڏوهه پوليس ي جو هيو. تنهن تي سپريڊنٽ منهنجو ڪيس ڪورٽ آماڻي ڇڏيو. ڪيس ساڳي ڪورٽ، يعني گهلو صاحب ي ڪورٽ ۾ هليو. جنهن ڪورٽ ۾، اڳ ۾ ناڙي جي باهيءَ وارو ڪيس هليو هيو، انهيءَ ڪيس ۾ ساڳي نوَ مهينا ا لڳي، منهنجي جيل جي سموري معافي به ڪاٽي سگهي زا ڪري ڇڏيائون."

# جيل بدلي

"جيل وارا اڇي مان ۾ ڦاٽا هئا. مان تي سختي بلد
بي ڪري سگهيا. ٿوري تي سختي ۽ ڪمائون، ته م
مڇرجي پيس، نه تي ڪمائون ته پين قيدين تي خراب ا
پيو. نيٺ جڏهن منهنجو اهيو ڪيس هلي پورو ٿيو، ۽
ڏهو مهينا سزا لڳي ته جيل وارن منهنجي بدلي ديرا اس
خان جي جيل ۾ ڪري ڇڏي.

"جڏهن ديري اسماعيل خان وٺي پيو ويا ته ماڪي ه
هٿڪڙيون، ٽنگن ۾ ڏنڊا بيڙي لڳل هئي. مان سار
هڪ صوبيدار، ٻه جمعدار ۽ چار سپاهي هئا. مان سان ه
ايترو گهاٽ (گارڊ) هوندو هيو، جڏهن ٻه منهنجي بدلي
جيل کان ٻئي جيل ۾ ٿيندي هئي.

"ديرا اسماعيل خان ريل ۾ وٺي پيو ويا. هٿڪڙي، ڏ
بيڙي ۽ ايتري پوليس، سڀ ڪو پيو ماڪي ڏسي. سڀ
پيا ته خطرناڪ قيدي آ، تنهنڪري ٿي ايڏي حفاظت
ونيو پيا وڃن. ڪي مسافر ته اڇيو مان واري گهاٽ کان ٻ
ٻه تي ويا. مهنجو ڪنڌ فخر ۾ مٿي ڪڇيل هيو. ايڏو گه
ته ڪنهن وزير سان ٻه نه هوندو آ. جيڪڏهن ڀڪري ڇ
هجان ها ته ڇڙا ٻه پوليس وارا گهليندا وڃن ها، پر هتي
پورو گهاٽ هيو.

ديرا اسماعيل خان جي جيل پهتم. هتي جي جيل ۾
هتي جي جيل ۾ رات ڏينهن جو فرق هيو. ماڪي هتي

وزخ ۾ي لڳو، ۽ ديرا اسماعيل خان وارو جيل، هتي
ل جي ڀيٽ ۾ جنت هيو. وڏو فرق هيو. هتي جي
هتي جي جيل ۾. آئي جي جيل جي آفيسرن منهنجي
عزت ڪئي هئي، جو مان تعريف نٿو ڪري سگهان.
. مان ڪان ڪڏهن به ڪو نه وٺندا هئا. چاڪاڻ ته
۽ رڪاٽ (رڪارڊ) خراب هيو. هو چڙو اهيو چوندا
خدا ڪري هين سان گڏ وقت خير سان گذري.
ان ڪايل هوم، بلڪل آزاد هوم. آئي ماڪي ڪو ليءَ
نہ ڪندا هئا.

ئن اسين ديرا اسماعيل خان جي جيل تي پهتاسي ته اهو
جو تئم هيو. انهي وقت جيل جي ماڙيءَ (١) تي
(سپرنٽينڊنٽ) هيو. آئي ڊپٽيءَ کي داروغو چون.
ڊپٽي جو نالو حميدالله هيو. ماڪي ۽ مان سان گڏ،
گهات کي ڏسي ڊپٽي ٽوڪ منجهه چيو: 'يہ ڪونسي
حڪومت هي ڪہ ايڪ قيدي ڪي ساتهہ پوري گهات
ي. اتني گهات تو گورنر يا صدر ڪي ساٿ هوتي هي.'
سان آيل صوبيدار چيس: 'داروغاصاحب، حڪومت قدو
هي. يہ قيدي ايسا هي اگر يہ قيدي آپڪي جيل ۾
گيا تو يہ جيل اُلٽا هوگا. حڪومت اپني ڪاندا ڪا

---

ماڙي: جيل جي آفيس. جيڪا جيل جي ڦاٽڪ وٽ
ي آهي. ڪنهن جيل ۾ جيڪڏهن ماڙي نہ بہ هجي،
، جيل اصطلاح ۾ چوندا ماڙي آهن.

ماڪڙي آڻي ڏنائين، ۽ (اڙدو ۾) چيائين: 'هي تنهنجو هر ڪم ڪندا — بورچيءَ مان ماني آڻي، اسپتال کان کير، مکڻ ۽ بيدا آڻي، ڪپڙا ڌوئي. مطلب ته تون هتي آرام سان ويٺو هج. هي توکي سڀ ڪجهه هتي آڻي پهچائيندا. تنهنجو هر ڪم ڪندا. هي تنهنجا خدمتگار آهن. هي ۾ سچو جيل — جاڏي به توکي وڻي، تون وڃ. هڪ زنانو گهاٽ ۽ ٻيو ڦاسي گهاٽ، انهيءَ پاسي نه وڃجان، باقي جنهن پاسي وڻي، وڃجان. توکي ڪوبه نه روڪيندو، نه ڏي توکان ڪو پڇندو.'"

"انهيءَ جيل ۾ مان اڍائي سال رهيس. جيترا سال جيلن ۾ رهيو آن، اهي اڍائي سال سڀ کان چڱا گذريا. انهيءَ جيل ۾ ماڪڙي کنهن به تنگ نه ڪيو، ۽ نه ڏي مان ڪا شرارت ڪئي. جيل وارن جو ماڻ سان تمام سٺو ورتاءُ رهيو. اڇا به هڪ دفعي مان شرارت ڪئي. ماڪڙي به ڪائي ڪاڏي اچي چڙهي. ٿيو ائين جو هر سومر تي آني ڪيٽ پريڊ (١) لڳندي هئي. آني قاعدي ۾ دمهڙو پوندو هيو. اصل ڏينهن

(١) ڪيٽ پريڊ: هر قيدي پنهنجو هنڌ ۽ ٿين جو دبو ڪڍي ٻاهر رکندو آهي. ۽ انهيءَ جي سامهون سڀئي قيدي لائين ۾ بيهندا آهن، ۽ هر هڪ جي هٿ ۾ سندن ڪتاب (جيل جا ڪاغذ) هوندو آهي.

اٿ ۾ رهيو. ڇا ڇو ته ٽي گاريون ٻيون به ڪاڍائين.
وءِ مان ڇيم: 'سائين، هي صوبيدار آهي، اگر اس سي غلطي
وگئي هي تو اسي معاف ڪرو.' صاحب چيو: 'اڇا
ائين، مين اسي معاف ڪرتاهون.' پوءِ صوبيدار کي معافي
نائين. مان ته سڀ ڪجهه سمجهيو ته صوبيدار جي
هڙي حيثيت آ جو هو پنهنجي مرضي ڪم آڻي. پوءِ
اب، صوبيدار کي چيو: 'اس کي ڪوئي پريڊ مت
ادو' ۽ ماکي چيائين: 'آپ ڪو ڪوئي تڪليف هو،
ڪوئي ڪام هو، آپ سيڌي ميري پاس چلي آئو.
اروغا کي پاس جائو. شير زمان کي پاس جائو. جهان
جانا چهتي هو جائو. ڦانسي گهاٽ جانا چاهتي هو تو
ڏر پي جائو. ڪوئي آپ ڪو نهين روڪي گا. سنڌي
مائين، آپ آرام ڪرو.' مان آئي هٿ ٻڌامانس، ۽ چيم:
سائين، ميري سي غلطي هوگئي هي. وه معاف ڪرو.'
ڪلي چيائين: 'معاف هي، معاف هي، معاف هي.'
'مان آنائون هليو آيس، پر محسوس ڪيم ته غلطي منهنجي
ڻي."

'سزا جا پويان اڍائي سال آنهيءَ جيل ۾ پورا ڪري، انهيءَ
جيل مان آزاد ٿي گهر پهتم."

سيشن ۾ ڪيس ڪيو ۽ ڪجھه ڏينھن ڪانپوءِ سيشن ماڪڙي ضمانت تي آزاد ڪيو. آزاد ٿي آيم ته مائٽن کي چيم: 'هان جھيڙو ٿيندو.' مان سکر مان ٿي لوڏ نکون ڪيون ۽ سڌو ڪوٽ پهتم. گهر جو سامان کڻي اچي ٿرپارڪر ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڪوٽ ڦورڙي ۾ وڃي رهيم. اهو ڪوٽ ٿرپارڪر ضلعي جي ڇيڙي تي آهي، اڳيان خيرپور ضلعي جي حد شروع ٿئي ٿي.

"مان فيصلو ڪري ورتو هيو ته پٽي صاحب جي ڪمدار قادر بخش ۽ سندس ساٿي بهادر کان بدلو ضرور وٺبو. هنن منهنجي بيعزتي ڪئي آ، ۽ پٽي صاحب سان ويڙهاڻو آ. ماڪڙي پٽي صاحب جي ڪاوڙجي پوڻ جو ڏاڍو ڏک هيو. مان پنهنجي دوستن يارن کي ڪٺو ڪيو. ڪل يار نهن همراه هئا. مان هنن کي سڄي ڳالهه ٻڌاءِ، صلاح ورتي، سڀني ماڪڙي چيو ته: بدلو بلڪل وٺبو. مان ڪمدار کي هڪ خط لکيو.

اوهانکي پنهنجو جيڪو بند و بست ڪرڻو هجي، سو ڪري. مان ٽين ڏيهاڙي توهان جو مهمان آهيان. پوءِ اهيو نه چئجو ته ميري اسان کي اڳواٽ اطلاع نه ڏنو.

"منهنجو هڪڙو دوست اِها چٺي هنن تائين پهچائي موٽي آيو، چٺي پهچڻ جي ٽين ڏيهاڙي، جنهن ڏينهن لاءِ مان کين لکيو هو ته ايندا سين، اسين رات جي پوين پهر اميرآباد جي اوپارين پاسي، ميل ڏيڍ اوري تائين پهچي وياسين، آتي

قابل نہ، آهين جو نوڪي رکجي. تون جاڏي وڻي، تاڏي وڃ.
تنهنجي نوڪري مان وٽ ڪانهي.'

"قادر بخش ۽ بهادر منهنجا دشمن هئا. مان تي ڪوڙا الزام
هڻي ماڪي ذوالفقارعلي ڀٽي صاحب جي نگاهن ۾ ڪيرايون.
ناحق جيل ۾ اماڻيائون. مان ڪانءُ بدلو ورتو. سڪندر علي
ڀٽي ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍيو. منهنجي دل جو مطلب
پورو ٿيو."

ماري ڇڏيندو؟ ايترو چئي مٽان کان ڪِري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. سڄي رات هوش ڪونه آيس. صبح جو مري ويو. ”مان آتي چار ڏينهن رهيس، پوءِ وڃڻون رستو ورتي، منزلون ڪري، اڪيلي ۾ شڪارپور پهتم ۽ پوءِ سکر کان ٽپندو، لڪندي ڇپندي وڃي ٿرپارڪر پنهنجي گهر پهتم.

”گهر پهتم ته گهر وارن مانکي هڪ پريشاني واري خبر ٻڌائي. سيالن جي جيڪا ٻانهن اسان ڪڍي هئي، مان هنکي پنهنجي هڪ دوست وٽ ڇڏي آيو هوس، سا پنهنجي مائٽن وٽ پهچي وئي.

”پتو ٿي نه پئجي سگهيو ته، مان وارو آهو دوست پوليس کان ڊنو هيو، يا ڪيس سيالن دنيا (دولت) ڏني هئي، تنهنڪري ٻانهن ڇڏي ڏني. پر هنن چيو ته: ٻانهن کي هڪ رات وجهه لڳو، هوءَ گهران نڪري وئي. لڪندي ڇپندي وڃي چاچڙ اسٽيشن پهتي. صبح ۾ جيڪماباد کان جيڪا ريل شهدادڪوٽ ويندي آ، انهيءَ ۾ چڙهي پئي ۽ وڃي شهدادڪوٽ پنهنجي گهر پهتي.“

# جرڳي جو فيصلو

'منهنجا اڳ ۾ وارنٽ نڪتل هئا، وري لاڪپ مان ڀڄي
بو هوم. انهيءَ ڪري ڪافي وقت مانٺ ڪري ڳوٺ
ڀهي رهيم.

'اسانجا ڪي ماڻٽ شهداد ڪوٽ تعلقي ۾ به رهيل
ئا. آئي اسانجي مائٽن ۾ ٽي ڀاڻر هئا — پنهل، هوت ۽
رمحمد. پنهل پنهنجي ڌيءَ، هوت جي پٽ هدايت ڪي
ني هئي، ۽ هوت جي ڌيءَ پنهنجي پٽ ڪي ڪرائي هيئن.
ر جلدي هنن ۾ جهيڙا ٿي پيا. ڳالهه وڌندي وڌندي ايتري
ائين پهتي، جو پنهل بندوق سان پنهنجي ڀاءُ هوت کي
اري وڌو. پر فرياد ۾ لکرايائين ته: ڪيءَ همراه هوت کي
اري گهوڙن تي ڀڄي ويا، اسان رڳو هنجي پٺ ڏسي
مڪهياسي. پر جڏهن پوليس ڪيس مار ڪئي ته هن سچي
ڪري ڏني. پر صوبيدار کي تمام گهڻا پئسا ڪارائي پاڻ ڇڏائي
ڍو. صوبيدار کيس چيو: 'ميري جو ڪو اتو پتو ڪونهي،
خبر نه جيئرو به آهي يا مري ويو. تون لکرائي ڇڏ ته: 'مون
هڪ ڪي سڃاتو، اهو ميرو هيو.' هن بدبخت ڪٿي منهنجو
نالو لکرايو.

" ڪجهه وقت ڪانپوءِ اِها خبر ماڪيءَ پئي. منهنجا تاڪ
لڳي ويا. مان ماٺ ڪيو، پنهنجو ملڪ ڏي ڇڏي وڃي
پٺي هنڌ ويٺو هوم، هُن ناحق مان ٽي الزام هنيو. مان
آتان ڏي گهوڙي تي چڙهي اميرآباد آيم. پنهل ماڪيءَ ڏسي
ڏڪي ويو. مان کيس چيو: 'اڙي بدبخت مان تنهنجو

'رحمت الله، مان هٿيار ڦٽا ٿو ڪريان، پوليس سان مق
ڪونہ ٿو ڪريان، پوليس کي هٽائي، اسانجي گهرن
نزديڪ نہ اچي.

"رحمت الله سچي پوليس پوئتي هٽائي ڇڏي. مان هڏ
ڪري چيو: 'رحمت الله، تون هليو آ، بي فلڪ، =
فلڪ نہ ڪر.' پوليس سان ڊي-ايس-پي بہ هيو،
رحمت الله کي چيو: 'رحمت الله، تو چيو هيو تہ ه
رهزن ڌاڙيل آ، تنهنڪري تون اڪيلو هُن ڏانهن نہ و
.تان نقصان پهچي.' رحمت الله هن کي جواب ڏنو: 'م
جوان آ، پاڙيو ڪونهي. پاڻ وٽ سڏائي ڪوبہ نقصان
رسائيندو. هن زبان ڏني آ، هو پنهنجي زبان تي قائم رهن
مان ويندم، توهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو.'

"رحمت الله مان وٽ بنا ڊپ ڊاءُ جي هليو آيو. مان
سان هٿ ملايو ۽ هن سان رلجي، پنهنجي اوطاق ۾
ويهاريومانس. ڊي-ايس-پي ۽ ٻي پوليس بہ اچي اوط
۾ ويٺي. مان سموري پوليس کي چانهن پياري. مان محس
ڪيو تہ ڊي-ايس-پي ۾ ٻيو جهڙو عملو هيو، آهو خو
ٿيو. هن ماڪي چيو: 'تون واقعي جوان آن.'

"منهنجي علاوه منهنجي پٽ نياز حسن ۽ منهنجي پاٽي
غلام فريد جي مٿان بہ دشمن ڪوڙا ڪيس ڪيا ه
تنهنڪري اسان تنهن جا وارنٽ نڪتل هئا. پوءِ پول
اسان تنهي کي گرفتار ڪري لاڙڪاڻي وٺي ويئي. اسان
هٿڪڙيون ڪونہ هيون.

پڳو هوم. پهريان پوليس وارا، جن کان مان ڀڄي نڪتو هوم، انهن کي ڊس مس ڪري ڇڏيو هئائون. هاڻ پهري تي ٽي پوليس وارا هئا.“

”پوءِ آتي منهنجيون سچائيون ٿيون. هوت جي خون واري ڪيس کان علاوه، سيالن جي ٻانهن ڪٽڻ وارو ڪيس هيو، پٽي صاحب جي ڪمدار قادر بخش جي ڏاڙي جو ڪيس هيو، انهيءَ کان علاوه به ڪجهه ٻيا ڪيس هئا. ڪورٽ ۾ سڀئي ڪيس هلندا رهيا، پر ڪيسن ۾ ڪوبه ماڻهو منهنجي خلاف شاهدي نه پيو ڏي. خبر نه هنن کي ماڪان ڊپ ٿي لڳو—— يا خدا جي طرف کان ڀلائي هئي.

”انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر چنو هيو، پاٽ جي پاسي جو هيو. هنکي رپورٽ پهتي ته ميراڻي جي خلاف ڪو شاهدي نه پيو ڏي ڪليڪٽر وٽ منهنجي خلاف ڪافي دانهون پهتل هيون. هن سوچيو ته: جڏهن ميراڻي جي خلاف ڪنهن به شاهدي نه ڏني ته هيءَ ڇٽي ويندو. تنهنڪري هن منهنجا ڪيس جرڳي ۾ موڪلي ڇڏيا. انهن ڏينهن ۾ لوڪلي جرڳا هوندا هئا. جرڳي جو قلم اٻتو آ، انهيءَ مان ڪوبه ڇٽي نٿو سگهي. جيڪو ويو، هنکي سزا لڳي. تنهنڪري ڪليڪٽر، منهنجا ڪيس ڪورٽن مان ڪيرائي جرڳي ۾ موڪلي ڇڏيا.

”جرڳي ۾ سيالن جي ٻانهن ڪٽڻ وارو ڪيس هليو. جيڪا

عورت اسان کنئي هئي، آها عورت جرڳي ۾ آئي، هن منهنجي سامهون اهو بيان ڏنو ته: 'هن ماڻهوءَ کي مان ڪونه سڃاڻان. جنهن وقت ماڪي کنيو ويو هيو، هي شخص انهيءَ وقت هيو ئي ڪونه. نه ئي هيءُ ماڻهو ماڪي کڻي ويو هيو، اُهي ٻيا ماڻهو هئا، جهڙي آري پاري مان هنن کي سڃاڻان ٿي.'

”شام جو ايس-پي لاڪپ ۾ آيو ۽ ماڪي چيائين: 'ميرا، مان زائفان کان اڪيلائيءَ ۾ پڇيو آ.' هن چيو آ ته: 'ميري جهڙو جوان ٻيو ڪو ڪونهي. ماڪي هن ڏاڍي حفاظت سان رکيو هيو. ڪجهه به ٿي پوي، مان هن جي خلاف بيان نه ڏيندم. ماڪي ماري وجهن ته ڀلي ماري وجهن.' مان کيس چيو آ ته: 'جيڪڏهن تنهنجي دل نٿي چوي ته تون ڀلي ميري جي مٿان بيان نه ڏي.'

”جرڳي ۾ منهنجي مٿان اهو ڪيس ٻيهي ئي نه پيو. منهنجي وڪيل جرڳي کي چيو: 'جيڪا زائفان ڪڇي ويئي آ، آها ئي چوي ٿي ته ميري ماڪي ڪونه کنيو آ. تنهنڪري ميرو ڏوهاري ڪونهي.' پر جرڳي ۾ وڪيل جي نه هلندي آ. جرڳي کي مٿان حڪم هيو ته ميري کي سزا ڏيئي اٿو.

”نوٺ جرڳي ماڪي انهيءَ ڪيس ۾ چار سال سخت پورهئي سان سزا ڏني.“

”سيالن جي ڪيس ڪانپوءِ هوت جي خون جو ڪيس هليو.

ڪ شخص محمد بخش ڪوريءَ مان تي ڪوڙو الزام هنيو،
تہ ٻيرو مان وٽ آيو هيو، ۽ زوري ماکان منهنجي بندوق
ري ورتائين. جنهن سان هن هوت جو خون ڪيو. مان
جرڳي کي هڪڙي درخواست ڏني تہ قرآن تي فيصلو
ڪيو وڃي. ۽ مان پنهل کي قرآن ڏيئي آڏي پڇا ڪندم.

”جرڳي منهنجي ڳالهہ مڃي، پر جڏهن ٻئي ڏينهن ڪيس
هليو تہ جرڳي چيو: ’قرآن نہ کڻبو.‘ مان ٽپي ٻاهر ٽپي
ويم. مان ڪرسيون کڻي ورتيون. ۽ آهي آڇلائي درن ۽
دريون جا شيشا ڀڃي ڇڏيم. ڪيتريون ڪرسيون بہ ڀڃي
ڇڏيم. جرڳي جا هڙئي ميمبر ڀڄي ويا. پوليس در تي
بيٺي هئي، پر اندر ڪوبہ نہ آيو. آخري ۾ ڪليڪٽر آيو.
هن چيو: ’تون وڙهہ نہ، اڌين ڏي ٿيندو، جيئن تون چئين
ٿو، فيصلو قرآن تي ٿيندو. هينئر تون ڀلي وڃ. فيصلو
سڀاڻي ٿيندو.‘

”مان ڪليڪٽر جي ڳالهہ مڃي جيل پهتس. آئي، ٻئي ڏينهن
جيل تي جرڳي جو آرڊر پهتو. ماکي جرڳي چوڏهن
سال سزا ڏني هئي. منهنجا ناڪ لڳي ويا، بنا ڪيس هلڻ
جي هيڏي وڏي سزا.“

”ماکي سينٽرل جيل سکر آماڻيو ويو، جتان مان ڪمشنر
کي اپيل ڪئي، ڪمشنر دربار علي شاهہ هيو، انهن ڏينهن
۾ ڪمشنر جي آفيس خيرپور ۾ هوندي هئي. منهنجي پاڙن

ليڪٽر منهنجو دشمن آ،' چيائين: 'تون فڪر نہ ڪر،
ٽوسان انصاف ٿيندو.''

ماڪڙي ڪجهو ڪري (سزا ختم ڪري) وري لاڙڪاڻي
ڪليو ويو. ماڪڙي وري جرڳي ۾ پيش ڪيو ويو. هاڻ
گو ساڳيو ڪو نہ هيو. هن جرڳي ۾ شهدادڪوٽ جو
ٽي ڪليڪٽر ۽ ٻيا ماڻهو هئا. ڪيس ٻيهر هليو. سچو
يس منهنجي فائدي ۾ بيٺو. مان جرڳي کي چيو تہ:
هل جي سوٽ فيض محمد کي سڏائي قرآن پاڪ ڏيو،
ڪائنس آڏي پڇا ڪرڻ ٿو گهران.'
ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ جرڳي جي ٻين ميمبرن ماڪڙي جهليو
'قرآن نہ ڏي. ڪيس تنهنجي فائدي ۾ آ، قرآن تي
ڪڏهن هُنَ تنهنجي خلاف ڳالهايو تہ توکي نقصان
ندو.' پر مان نہ مڙيس. مان چيو: 'هنکي قرآن کڻايو.
جيڪو ٿيندو، ماڪڙي قبول آ.'
نيٺ فيض محمد کي سڏايو ويو. ڪيس مٿي تي قرآن کڻايو
و. مان ڪائنس پڇيو: 'فيض محمد، تنهنجي مٿي تي قرآن
تو ٻڌاءِ تہ جڏهن مهل هوت جو قتل ٿيو، تو ۽
هل ڪاٿي هئا؟' هن چيو: 'مان قرآن کڻي ڪوڙ نہ
الهائيندم. انهيءَ وقت اسين پنهنجي گهر ۾ هئاسين.' 'پوءِ
ا ٿيو؟' مان سوال ڪيو. چيائين: ''پوءِ مان ۽ پنهل هوت جي
هر آياسي. هوت جي گهر، هوت جي ڪٽ وٽ زالن رنو

پر هنن سنگ نہ ڏنو. پنهنجي ڏينهن جي آچ ڪيائون، جيڪا بہ ڊر نہ مڃي.

”ڊپٽي ڪليڪٽر ماڪي چيو: ’توکي هن ڪان ڪجھ پڇڻو آ.‘ پاڻهي خان ٽنئي آهو سراسر ڪوڙ ڳالهايو هيو، هاڻ مان هن کان ڇا پڇان، مان چيو: ’نہ، مان ڪجھ پڇڻ چاهيان.“

”ڊپٽي ڪليڪٽر ماکي اڪيلائي ۾ چيو: ’ميرا، اهو ثابت ٿي چڪو آ تہ تون ڏوهي ناهين. پر ماکي مٿان حڪم مليو آ تہ توکي سزا ڏني وڃي. تنهنڪري مان مجبور آهيان. توکي سزا ملندي.‘

”نيٺ جرگي ماکي چوڏهن سال سزا ڏئي ڇڏي. ماکي سينٽرل جيل سکر آندو ويو. مان ڪمشنر وٽ وري اپيل ڪئي، پر هاڻ دربار علي شاهہ جي بدلي ٿي ويئي هئي، نئين ڪمشنر منهنجي سزا برقرار رکي.“

”ڪجھ وقت ماکي سکر سينٽرل جيل ۾ رکي حيدرآباد سينٽرل جيل آماڻي ڇڏيائون. اهو ون يونٽ جو دؤر هيو. قيدين جي نہ فقط مختلف جيلن ۾ بدلي ٿيندي هئي، پر جيئن تہ صوبن کي ختم ڪيو ويو هيو، تنهنڪري ڪڏهن پنجاب جي جيلن ۾ قيدين کي موڪليندا هئا، ڪڏهن بلوچستان جي جيلن ۾، ڪڏهن سرحد جي جيلن ۾. ۽ اتان جا قيدي وري سنڌ جي جيلن ۾ موڪليا ويندا هئا.

”ماکي بہ ڪڏهن بهاولپور جيل، تہ ڪڏهن (بلوچستان) جي جيل ۾ موڪليو ويو. ڪراچي سينٽرل جيل بہ اماڻيائون.

پوءِ ٻين دفعي مان ست سال جيل ۾ رهي ويو هوس. جيلن ۾ مان ڦڏا به ڪيا، جهيڙا جهڳڙا به ڪيا، ماڪي جيل جي سخت ۾ سخت سزائون ڏنائون. هڪ ڀيرو ويهه ڦٽڪا به کاڌم، اهڙو تنگي ڪٽيائون، برف تي سمهار يائون. پر مان مڙيس اصل ڪون. جيئن تي ماريائون، تيئن تي گار ڏنم. تنهنڪري گذريل سزا ۾ پوين عرصو ماڪي تنگ ڪرڻ ڇڏي ڏنائون ۽ مان به جيل وارن کي تنگ نه ڪيو.

”اڳئين دفعي جو منهنجو رڪارڊ (رڪارڊ) خراب رهيو هيو، تنهنڪري هن دفعي ماڪي جيل ۾ بلڪل تنگ نه ڪيائون. ۽ مان به ڪنهنکي ڪونه ستايو. حالانڪ هن دفعي وڏي سزا لڳي هئي. ارڙهن سال. ٻي سال ڪچو رهيم. ڪيس پي هليو. پر پورو وقت سٺو گذريو. بس هاڻ ڇٽي وارو آهيان، چاهيان ٿو ته هاڻ وقت خير سان گذري وڃيم.“

# موڪلاڻي

مون ميري کان پڇيو: "ميرا، آزاد ڪڏهن ٿيندا؟" ميري جواب ڏنو، "سائين، جيڪڏهن سيلاب جي معافي(۱) اچي وڃي ته اڄ ڇٽي وڃان. هاڻ دعا ڪهُر ته هن بند مان آزاد ٿيان."

مون چيو: "ميرا، انشاءَ الله تون جلد آزاد ٿيندا." ڪجهه دير خاموشي رهي، پوءِ مون ميري کي چيو: "ميرا، اسانجي ڪوليءَ جي مرمت ٿي رهي آهي. اڄ ڪلهه بئرڪ ۾ رهندو آهيان، اتي ٻيا به رهندا آهن، اهي سڄي رات گوڙ ڪندا آهن، مان ته نڪو سمهي ٿو سگهان، نه ڪجهه لکي پڙهي ٿو سگهان." ميري ڪجهه دير سوچيو، پوءِ چيائين: "سائين، منهنجي پرسان هڪ ڪولي خالي آهي، انهيءَ پاسي ماڪان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه ٿو رهي. تون جيڪڏهن ڊپٽيءَ کي چئي هن پاسي هليو اچين ته ڏاڍي آرام سان رهندين."

مون ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي چيو: "مان ميري جي پرسان واري ڪوليءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان." ڊپٽيءَ مون کي اجازت

---

(۱) سيلاب جي معافي: ٻوڏ جي ڏينهن ۾ قيدين کي حڪومت درياهه جي بندن تي موڪليندي آهي ۽ هر ڏينهن پٺيان ڪجهه ڏينهن معافي ملندي آهي. يعني سزا گهٽبي آهي.

ڏيئي ڇڏي. ۽ مان پنهنجو سامان ڪٺائي ميري جي پرسان واري ڪوليءَ ۾ وڃي رهيس.
ٻئي ڏينهن سپرنٽينڊنٽ راؤنڊ تي آيو ته ميري کي ڏسي چيائين: ’تون به اتي رهيل آهين ڇا؟‘
ميري چيو: ”ها سائين.“
سپرنٽينڊنٽ چيو: ”نه نه، تون پنهنجا ٽپڙ هينئر ئي هتان کڻ، هتي فقط طارق اشرف رهندو ۽ تون ٻئي وارڊ ۾ وڃ.“
ميري سپرنٽينڊنٽ جي سامهون ئي پنهنجا ٽپڙ کنيا، ۽ وڃڻ لڳو، وڃڻ وقت مون سان مليو ۽ چيائين: ”سائين، تو ته اچڻ سان ئي ڪوليءَ مان ئي ڪيرائي ڇڏيو.“
ميري کي پنهنجي ڪولي ڇڏڻ تي ڏاڍو ڏک هو.
مون ميري کي چيو: ”تون هن ڪوليءَ مان نڪتو آهين ته انشا الله جيل مان به جلد نڪرندين.“
ميري چيو: ”سيد آهين، خدا تنهنجي دعا قبول ڪندو.“

ميرو صبح جو ڏهين وڳي کن ويو هو. مان پنهنجو سامان ٺاهي ٻن پهرن جي ماني کائي ستو پيو هوس ته اوچتو پيرن تي ڪنهن جا هٿ محسوس ڪيم. اک کلي ته جيڪو ماڻهو منهنجي سامهون بيٺو هو، هن کي پهرين نظر ۾ سڃاڻي نه سگهيس. پر جڏهن ڇتائي ڏنم ته سڃاڻي ورتم. آهو ميرو هو. ڪيس جيل جا ڪپڙا ڪونه هئا. مٿي تي پٽڪو ٻڌل هو، ۽ ڪپڙا به خانگي پيل هئس.

مونکي ڏسي پيرين پيو، ۽ پوءِ هٿ ٻڌي چيائين، "سائين، اوهان صحيح چيو هيو: هن ڪوليءَ مان نڪتو آهين ته جيل مان به جلد نڪرندين. واقعي مان هن ڪوليءَ مان نڪتم ته جيل مان به نڪران پيو. ماکي آزاد ڪن پيا. اوهان کان موڪلائڻ آيو آهيان."

مان اٿي ڏيئي اٿيس ۽ ميري سان ڀاڪر پائي مليس. ڪيس ڀاڪر پائيندي مهنجي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. مونکي ميري جي آزادي جي خوشي به هئي، ۽ کائنس جدا ٿيڻ جو ڏک به هو.

مان اڳ ۾ هڪ مهينو ارڙهن ڏينهن جيل ۾ رهي ويو هوس. انهيءَ کانپوءِ ٻاويهه مهينا جيل ۾ هوس. پر مهنجي اکيان ڪو به اهڙو قيدي آزاد نه ٿيو، جيڪو سترهن سال جيل ۾ ڪو رهي آزاد ٿيو هجي. ميرو پهريون خوش قسمت قيدي هو، جيڪو ايڏي وڏي سزا ڪاٽي نڪتو هو.

ميرو وڃو هليو. مونکي جوبدار اچي ٻڌايو ته ميري جيل کان ٻاهر نڪري، جيل جي ڦاٽڪ وٽ ٻه رڪعت نفل پڙهيا ۽ پوءِ ويو هليو.

ميري جي وڃڻ بعد مان سوچڻ لڳس: ميرو سترهن سال جيل جي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري فضا ۾ رهي. هاڻ آزاد فضا ۾ وڃي رهيو آهي. سترهن سالن ۾ دنيا ڪيڏي ترقي ڪئي آهي. جڏهن ميرو سترهن سال اڳ گرفتار ٿيو هو،

انهيءَ وقت ۾، ۽ هاڻ جي وقت ۾ تمام گهڻو فرق آهي. هن ملڪ ۾ ٽي دفعا حڪومتون بدليون آهن. ڇا ميري کي آزاد فضا جو ماحول اجنبي نه لڳندو.

پر پوءِ سوچيم — نه، آزاد فضا جو ماحول هنکي اجنبي نه لڳندو. آزاد فضا ۾ جيڪا خوشبو آهي، جيڪا پنهنجائپ آهي، آها قيد جي فضا ۾ ڪٿي. قيد ۾ سترهن سال رهي به ماڻهو پاڻکي اجنبي سمجهندو آهي، پر آزاديءَ جي هڪ گهڙيءَ ۾ به پنهنجائپ محسوس ٿيندي آهي.

ميري کي به آزاديءَ ۾ اجنبيت محسوس نه ٿيندي. هر انسان آزاد رهڻ چاهي ٿو. اڄ ميرو آزاد ٿيو آهي، سڀاڻي اسين به آزاد ٿينداسين. اسين آزاديءَ لاءِ جد و جهد ڪندا رهيا آهيون. آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا رهنداسين. انسان کان هميشه لاءِ ڪوبه آزادي کسي نٿو سگهي.

## سهڻي پبليڪيشنس

جا ڇپجي شايع ٿيل ڪتاب

---

### ڪرشن چندر

جو جڳ مشهور ناوليٽ

# غدار

جنهن جو ترجمو برک ليکڪ **وي رام ولڀ** ڪيو آهي.
هن ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون فقط هڪ مهيني ۾ وڪرو ٿي ويئون، هاڻ وڪري لاءِ فقط اچيون ڪاپيون بچيون آهن.
قيمت: ۱۰-۰۰

---

### طارق اشرف

جي ستن ڪهاڻين جو مجموعو

# سونهن، پٿر ۽ پيار

تمام سهڻو ٽائيٽل

قيمت : ۶-۰۰

آچي ڪاپي: ۸-۰۰

گهرائڻ لاءِ:

**سهڻي پبليڪيشنس**

الهندو ڪچي، حيدرآباد، سنڌ.

# سهڻي پبليڪيشنس

## جا ڇپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١ — اسان جي سنڌ | ختم ٿي ويل |
| ٢ — اڻوسرندڙ ڪهاڻيون | " " |
| ٣ — بندر بازاهون | " " |
| ٤ — واهون وڻجارن جون | " " |
| ٥ — پيار جي پري | " " |
| ٦ — بدمعاش | " " |
| ٧ — سمونڊ جن سانيهه | " " |
| ٨ — غدار (ناوليٽ) سنڌيڪار ولي رام ولڀ | ١٠-٠٠ |
| ٩ — سونهن، پٿر ۽ پيار (ڪهاڻيون) طارق اشرف | ٦-٠٠ |
| ١٠ — ريج (ڪهاڻيون) آمر جليل | ٣-٠٠ |
| ١١ — ڳاڙها هٿ، پيلا چهرا (شعر) ذوالفقار سيال | ١٦-٠٠ |

سهڻي پبليڪيشنس
آلهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ